# پيار، پن ڇڻ ۽ وفا

(شاعري)

## وفا حاڪم وسڻ





سنڌ جا سڄڻو سلام

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو ڪتاب نمبر **ست (60)** اوهان اڳيان پيش ڪري رهيا آهيون. هي ڪتاب **"پيار، پن ڇڻ ۽ وفا"** منهنجي ئي ڳوٺ جي نوجوان شاعر **وفا حاڪم وسڻ** جي شاعريءَ تي مشتمل ڪتاب آهي.

هي ڪتاب **ڪنول پبليڪيشن قنبر** پاران ڇپائي مارڪيٽ ۾ آندو ويو آهي. اسين ٿورائتا آهيون ڪنول پبليڪيشن قنبر جي روح روان **محترم سعيد سومري** صاحب جا جنهن هن ڪتاب جي سافٽ ڪاپي موڪلي ڏني ۽ هي ڪتاب سنڌ سلامت تي پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

اوهان سڀني دوستن، بزرگن ۽ ساجاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وسڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**

## سنڌ سلامت ڪتاب گهر

# ارپنا

- سنڌ جي امر آواز
**سرمد سنڌي کي**
جنهن سنڌ جو سور بهادريءَ سان ڳاتو.

- پنهنجي گلن جهڙن پٽن
**سراج علي، ثاقب علي ۽ صائم علي**
جي نالي.
جيڪي منهنجو وجود آهن.

- پنهنجي پياري دوست، سماجي اڳواڻ
**تنوير احمد وساڻ جي نالي**
جيڪو انسانيت جي بقا لئه جاڪوڙي پيو.

- انهن معصوم محبتن جي نانءِ
جن جي ملڻ سان بهار آهي،
۽ جن جي وڇڙڻ سان جيون پن ڇڻ آهي.



اداري پاران:

وفا حاڪم وساڻ جي شاعراڻي اتهاس جي ننيڍڙي عمر جو ٽيون خوبصورت ڪتاب 'پيار، پن ڇڻ ۽ وفا' اوهان جي حسين هٿن ۾ آهي. ان کان اڳي 'اجرا ڳوڙها،ميرا ڳل' (2003ع) ۽ 'چنڊ نيڻن ۾' (2005ع) ۾ پڻ ڪنول پبليڪيشن پاران پڌرا ٿيل آهن.

وفا حاڪم وساڻ جي شاعريءَ ۾ خاص ڪري غزل ۾ نهايت سليس تشبيهون، عام بوليءَ کان هٽي سادگي سان پنهنجن جذبن جو اظهار نمايان آهي. سنڌي شاعريءَ جي بي پناهه وسيع آسمان تي ايترا ته ستارن ۽ چنڊ جهڙا نالا نمايان ٿيندا رهن ٿا جو جيڪڏهن ڪيرُ ٽورڙي وٺي ڪندي، شاعراڻي افق تان پاسيرو ٿي وڃي ٿو ته نئين آيل قاريءَ لاءِ ان جو فن ۽ فڪر ڏنڌلو ٿي ختم ٿي وڃي ٿو. ان ڪري شعري ـ شهر جا پراڻا رهاڪو ۽ پڙهندڙ روز روز نوان نالا ٻڌي ۽ پڙهي رهيا آهن. جيڪا سنڌي ادب جي صحت مند واڌاري لاءِ مفيد ڳالهه آهي. پر ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته وفا حاڪم وساڻ وانگر مسلسل لکڻ ۽ شايع ٿيڻ جي ڪرت سان لڳو رهڻ گهرجي. وفا حاڪم وساڻ پنهنجي هن ٽئين مجموعي ۾ مختلف صنفن جي رنگن ۾ اظهاريل جذباتي موسمن جا ڪينواس پڌرا ڪري، سنڌي بولي ۽ شاعريءَ سان پنهنجي انسيت پڪي ڪرڻ جو وچن ورجايو آهي. هُو جنهن ماحول ۾ رهي ٿو، ان نج ڳوٺاڻي ماحول کي، انهن جي ڪيفيتن، منظرن ۽ مسئلن کي پنهنجي ڏاتوَ آهر، پنهنجي شاعريءَ ۾ ذڪر جوڳي اهميت سان نمايان ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو رهي ٿو. سندس غزلن ۾ جتي نوان ۽ گهٽ استعمال ٿيندڙ قافيا پاڻ موڪائن ٿا، اتي لفظن جي سادگي به دل کي ڇهڻ جي ڪوشش ڪري ٿي. بيروزگاري ۽ خودڪشيءَ جهڙي چوراهي تي بيٺل پنهنجي معصوم سنڌ جي ابتر حالتن هوندي به، هڪ ڪاهوڙي نوجوان شاعر پاران 3 ڪتاب ڏيڻ، سنڌي ادب لاءِ غير معمولي ڳالهه آهي.

**سعيد سومرو**
**ڪنول پبليڪيشن قنبر**
Cell: 0333-7523132
Saeedsoomro4@yahoo.com

# خوبصورت جذبن جو شاعر

لفظن ڪي جذهن سوچ جي سرهاڻ ۽ خيالن جي گهرائي ڇُهي ٿي تہ اهي خوبصورتيءَ جي رنگن ۾ رچي وڃن ٿا. احساس تہ هر انسان وٽ موجود آهن پر شاعر انهن احساسن ڪي لفظن جي زبان ڏئي ٿو. شاعري لفظن جي اهڙي مصوري آهي جنهن سان شاعر پڙهندڙن جي دل تائين پهچي ٿو. مصور پنهنجا خيال ماڻهن تائين پهچائڻ لاءِ برش ۽ رنگن جو سهارو وٺي ٿو، جڏهن تہ شاعر پنهنجن خيالن ڪي خوبصورت لفظن جو لباس پارائي ماڻهن سان هم ڪلام ٿئي ٿو.

سنڌ ۾ ڪافي وقت کان نثر جي ڀيٽ ۾ شاعري وڌيڪ سرجي ٿي، سنڌ جي نوجوان شاعرن سنڌي شاعريءَ ڪي نوان لاڙا ۽ خوبصورت تشبيهون ڏيڻ جي حوالي سان بہ پاڻ ملهايو آهي. سنڌي شاعري هاڻ رڳو محبوب جي سحر ۾ وڪوڙيل هئڻ بجاءِ پنهنجي ديس ۽ ديس وارن جي درد جو اولڙو بہ آهي. هڪ سچي ۽ ڪميٽيڊ شاعر لاءِ اظهار جي جادوگري بجاءِ ڌرتي ۽ سماج سان واڳيل هئڻ ضروري آهي. محبوب ۽ پيار بہ پنهنجي جاءِ تي اهم ۽ ضروري آهي پر ڌرتي جو عشق ۽ ان جي دردن جو ترجماني ڪنهن بہ سچاڻ ۽ ڪميٽيڊ شاعر لاءِ بنيادي گهرج آهي.

شاعرن جي ڊگهي قطار ۾ ’وفا‘ حاڪم وساڻ بہ بيٺل آهي، جنهن جا ٻہ مجموعا شايع ٿي چڪا آهن. هڪ ’اجرا ڳوڙها، ميرا ڳل‘ 2003ع ۾، ’چنڊ نيٽن ۾ ‘ 2005ع ۾ ، ۽ سندس ٽيون مجموعو ’پيار، پن چڻ ۽ وفا‘ منهنجي سامهون آهي.

وفا حاڪم وساڻ بناوٽي روين ۽ اجائي لفاظي کان پري ٻنھ سڌي، سادي ۽ عام فهم انداز ۾ پنهنجي خيالن ڪي پڙهندڙن تائين پهچائڻ وارو شاعر آهي. هوپيار جو اظهار بہ نهايت نهٺائيءَ سان ڪري ٿو تہ ساڳي وقت پنهنجي ديس، ثقافت توڙي ٻولي سان بہ واڳيل نظر اچي ٿو. سندس خيال نهايت سادا ۽ معصوم آهن.

دنيا ۾ مشهور ثقافت اسان جي،
ٽوپي اجرڪ آهي سڃاڻپ اسان جي.
اچو سنڌ واسيو وچن هي ڪيون،
توڙي نہ سگهندو ڪو طاقت اسان جي.

آءٌ شاعر ناهيان، جنهن ڪري مون ڪي شاعريءَ جي فني گهرجن جي ڪا گهڻي خبر ناهي پر هڪ پڙهندڙ جي حيثيت ۾ اهو چئي سگهان ٿو تہ وفا حاڪم وساڻ ڪنهن بہ خوش فهمي ۾ مبتلا ناهي ۽ نہ ئي وري پاڻ ڪي وڏي شاعر ثابت ڪرڻ جي اجائي ڪوشش ۾ آهي. هو اهڙو شاعر آهي، جيڪو نهايت سچائيءَ



سان پنهنجا خيال جئين جو تئين پيش ڪري ٿو. سندس خيال سادا ۽ سوچ تمام گهڻي هاڪاري آهي. سندس هيءُ چؤسٽو پڙهي ڏسو:

آءُ تہ دوست هيءُ اڄ وچن ڪريون،
دلين مان ڪيڏي نفرت دفن ڪريون.
ڇڏي هي جهيڙا وير ۽ ڪينا ’وفا‘،
سنڌ ڌرتيءَ تي سدا امن ڪريون.

شاعريءَ ۾ اظهار جو سادو انداز تمام گهڻو وڻندڙ هوندو آهي، پنهنجي ڳالهہ بلڪل چٽائي ۽ سادي انداز ۾ پيش ڪرڻ سان عوامي شاعر بڻجي سگهجي ٿو. وفا حاڪم وساڻ بہ عوامي شاعر واريون گهرجون پوريون ڪري ٿو. سندس هي چؤسٽو پڙهي اندازو ڪري سگهجي ٿو:

ماريو تنهنجي موھ ميان!
منهنجو ڪونهي ڏوھ ميان!
ڪيئن سنپايان مان اڪيلو،
هي دردن جو انبوھ ميان!

وفا حاڪم جي هن ٽئين مجموعي ۾ چؤسٽا نہ پر تہ سٽا، غزل، نثري نظم، وايون، بيت، ۽ نظم بہ شامل آهن پر سڀ کان وڌيڪ تعداد غزلن جو آهي. سندس شاعري جي فني پاسن تي تہ ڪو نقاد ئي وڌيڪ راءِ ڏئي سگهي ٿو پر مون ڪي ’وفا‘ جي غزلن سان گڏوگڏ نظم، نثري نظم توڙي چؤسٽا بہ وڻيا. هي پيار جو شاعر هئڻ سان گڏوگڏ پنهنجي سماج سان بہ سلهاڙيل آهي، سندس شاعري ۾ سهڻي سوچ سان گڏوگڏ جذبن جي سچائي بہ موجود آهي، جنهن ڪري ڪيس خوبصورت جذبن وارو سرت پريو شاعر چئي سگهجي ٿو.

وفا حاڪم وساڻ جي هڪ غزل جا ڪجھ بند پڙهي توهان بہ منهنجي راءِ سان سهمت ٿيندؤ.

آس توسان ملڻ جي رهي من ۾،
تڙپ توکي ڏسڻ جي رهي من ۾.
گفتگو فون تي ٿي گهڻي ٿي مگر،
آس سامهون ٻڌڻ جي رهي من ۾.

**مرتضيٰ سيال**
**ڄامشورو**
15_01_2012

# شاعري سچ جي پهرين ڪرڻي جيان اُجري آهي

شاعري، اندر جي اُٿاهه سمنڊ جي ڀاڪ آهي، جيڪا ڪڪر بڻجي ڪٿي نه ڪٿي وسي ٿي ۽ ڌرتي مهڪي پوي ٿي. شاعري ته سچ جي پهرين ڪرڻي جيان اُجري آهي، جيڪو دنيا کي روشن ڪري ٿو ۽ گلڙن کي پهرين چمي ڏئي ٿو. شاعريءَ ۾ پنهنجي مٽيءَ جو هڳاءُ هوندو آهي ۽ پاڻ سيئي مٽيءَ جا ماڻهو آهيون. سنڌ مٽيءَ مان پيدا ٿيندڙ هر سنڌيءَ جو سور ساڳيو آهي، سنڌ امڙ جي جهول ۾ پلجندڙ سنڌي، سپاجها، سچار، رحمدل ۽ مهمانواز آهيون. وقت سان گڏ ڌارين جي يلغارن سنڌ امڙ جي سيني تي جڳ زخم رسايا آهن ۽ سنڌين جي سوچ، سچائي ۽ سادگيءَ کي ضربي وڌو آهي. حالتن جي نزاڪتن ۾ هاڻ محبتون مهانگيون ۽ احساس جڻ مري رهيا آهن. منهنجو درد منهنجو هوندي به سيني انسانن جو لڳندو آهي، چو ته هي معاشرو جتي پاڻ رهون ٿا، اُن جا پنا معيار آهن، جيڪي اسان کي پوئتي ڌڪي رهيا آهن. سچائي، شرافت ۽ غربت جو ماڻُ هيٺ ڪرڻ لاءِ ڪوڙ، دولت، دغا، فريب پنهنجو زور لاتو آهي.

ان جو هڪ مثال ڊسمبر 2009ع ۾ منهنجي فلاحي اسڪول ۽ ادبي لائبريريءَ کي وقت جي غنڊن هٿان ساڙڻ شامل آهي. مگر مون ظلم، ڏاڍ ۽ جهالت سان جهاد جو وچن ورجايو آهي. منهنجي آس پاس رهندڙ فيوڊل سوچ جا مالڪ نٿا چاهن ته ڪو غريب هارين جا ٻار پڙهن، هن جديد دؤر ۾ دنيا جي اڪين ۾ اکيون ملائي سگهن. پر سندن اها سوچ هاڻ گهڻو وقت هلي نه سگهندي.

سنڌ امڙ جي ڪک مان ڪيترن ئي انمول شاعر، ليکڪن، اديبن ۽ ڏاهن جنم ورتو آهي ۽ وٺندا رهن ٿا. انهن ليکارين جي قطار ۾ ڪٿي نه ڪٿي پنهنجو نالو به ڳڻيو ويندو. 'پيار، پن چڻ ۽ وفا' منهنجي شعري تاريخ جو ٽيون ڪتاب آهي. ان کان اڳ 'اجرا ڳوڙها، ميرا ڳل' (2003ع) ۽ 'چنڊ نيڻن ۾' (2005ع) ۾ اوهان جي نظرن مان گذريا هوندا.

'پيار، پن چڻ ۽ وفا' جي ڪنهن سٽ، ڪنهن پڙهندڙ جي دل تي مرڪ آندي هجي يا ڪي پل هن کي منهنجو درد، پنهنجو محسوس ٿيو هجي، يا ان کي ڪو نئون گس مليو هجي ته اهو جڻ مون لئه وڏو اعزاز آهي.



آخر ۾ تورادلبر دوستن تنوير احمد وساڻ ۽ نديم علي وساڻ جا، جن مون جهڙي فقير ماڻهو کي پنهنجي ساٿ سان نوازيو.

يار سعيد سومري جا اڻ کٽ احسان، جنهن ڏکي سُکي سفر ۾ ساٿ نڀائڻ جو وچن ورجايو. لکين قرب پين سيني سڄڻن جا، جن پنهنجا مختصر رايا ڏنا.

تورا دوستن غلام مصطفيٰ سولنگي، امتياز نوح پوٽو، اسلم پڌ، صفدر مهيسر، ستار ڀٽ، علي وساڻ، خان ملاح،ايم صديق وساڻ، سيد مسڪين شاهه، نويد خاصخيلي، نياز گوپانگ، فدا خاصخيلي، شڪيل وساڻ، واجد سومرو، صاحب سهتو، معصوم سومراٽي ۽ پين سيني سڄڻن جا جن محبتون ڏنيون آهن. پنهنجي قيمتي وقت مان کي گهڙيون وفا جي نانءُ ڪري پنهنجي سنهري راءِ کان آگاهه ڪندا.

اسان ننڍڙا شاعر اجان سکڻ جي سَٽ ۾ آهيون. اميد ته محبتن سندو ماڻُ ملندو.

**وفا حاڪم وساڻ**
پير گبو p/o نواب وساڻ، تعلق ڪوٽڏجي
خير پور ميرس
**Cell: 0300-3188615**
E-mail: wafa0300@yahoo.com
Face book: wafa hakim wansn

# پيار، پن ڇڻ ۽ وفا

## شاعري





تون ڪرين ٿي گذر جنهن گهٽيءَ مان،
گُل ڦُٽي ٿا پون اُن مٽيءَ مان.

تون ٽلين ته رستا چارا چمڪن،
تون مرڪين ته پنيون پارا چمڪن.

ڏکّ ملندا رهيا هن مسلسل وفا!
پو بہ چاهي سُکن جي آ منزل وفا!

تو جو آهي سڏيو پُرخطر راهہ تي،
جهومندو مرڪندو ايندو مقتل وفا.

نيٺ پوندو ملي جستجو سان خدا،
سچ حق جي انهيءَ راهہ تي هل وفا!

من جي تحريڪ جو محرڪ رهيو تون ئي آن،
تون ئي منهنجي عبادت جو حاصل وفا!

تنهنجي حسن و فطرت کي ڪامل ڏسي،
دنگ رهجي ويو آهہ جاهل وفا!

رهزنن کي اجا ڪيسين رهبر ڪبو،
نيٺ ٿيندي ڪا آزاد هلچل وفا!

❋❋



ماڪ جيئن جيئن وسي رهي آ،
رات مدهوش ٿي رهي آ.

تنهنجي اوسيئڙي ۾ او جانان!
هر ڪَلي پيي پُسي رهي آ.

هير ٿڌڙي سان مان جلان ٿو،
رات دُک جي وڏي رهي آ.

چنڊَ! ڪاڏي تي گم وئين تون؟
ٻاٽ مون ۾ لهي رهي آ.

سال ٿيتيهہ ويا تلاش ۾،
اڄ، جواني وڃي رهي آ.

يار بيگانو ڇو ڪري وئين؟
ڏس تہ دنيا ڪِلي رهي آ.

❋❋

ڪيرُ ڪنهن تي نٿو پَڏي حاڪم!
ساٿ هرڪو وڃي ڇڏي حاڪم!

صرف ڪردار ئي امر رهندو،
ويندو هرڪو هتان لڏي حاڪم!

عشق ڏاڍو سفر اڙانگهو ٿئہ،
آ سنو، پئہ نہ اِن ڦڏي حاڪم!

ڪين ڪيباءِ حقّ سچ ڪان تون،
ظلم ڪي ظلم چئہ ٿڏي حاڪم!

سانگ ٿيندا سپئي سجايا هت،
ايندو پنهنجي ڪڏهن تڏي حاڪم!

پل تہ سهٽا سوين ئي وارَ ڪرين،
سرُ آڏيءَ تي ڏبو آڏي حاڪم!

❊❊



تون ٿلين تہ رستا چارا چمڪن،
تون مرڪين تہ پنيون ٻارا چمڪن.

دل ۾ تنهنجون ايئن سنپارون هن،
جئن اُپ ۾ چنڊ ستارا چمڪن.

لڙڪ آبشارن جي اکڙين ۾،
جبلن مٿي ڪڪر ڪارا چمڪن.

تنهنجي نيٽڻ جا ڏيئا روشن،
نرمل هي سپ نظارا چمڪن.

تون جت رهندو هوندين جاني!
ان گهر جا سارا جارا چمڪن.

پنهنجو هٿ ٻاجهہ اسان تي رکين،
پوءِ گنهگار ’وفا‘ پارا چمڪن.

❊❊

ٿو ٿتي حوصلو، من! اڇڻ جي ڪيو،
موت جو ٿي بلو، من! اڇڻ جي ڪيو.

ٻيئو آهيان زماني جي ٻہ واٽ تي،
يار جلدي ملو، من! اڇڻ جي ڪيو.

ڪو سهارو نہ تنها سفر ۾ مليو،
ٿو پُري پرجهلو، من! اڇڻ جي ڪيو.

ڪا گهڙي زندگيءَ جي وَڏي پِي پوي،
ڏي جيئڻ حوصلو من! اڇڻ جي ڪيو.

مون اوهان آسري، هيءَ دنيا ڇڏي،
پيو وڃان هيڪلو، من! اڇڻ جي ڪيو.

آخري ڪال شايد هجي هي وفا،
آخري لفظ،’هلو‘ من! اڇڻ جي ڪيو‘

❋❋



تنهنجي قدمن ۾ شل، ويڙهجي مان وڃان،
تنهنجي پازيب ٻڄان ۾ ڄِي مان وڃان.

تنهنجي نڪ جي ڦُلي ٿي سگهڻ خواب آ،
ڪن جي واليءَ جيان جرڪجي مان وڃان.

تنهنجي ڳاڙهين ڪراين ۾ ريشم رُتون،
تنهنجي چوڙين جيان چمڪجي مان وڃان.

چنڊ چهرو رکي هٿ سندي رحل تي،
تنهنجي اکڙين سان ٻڪجي سِجي مان وڃان.

شل ازل ابد جي روح رشتي جيان،
توسان ’حاڪم وفا‘ ڳنڍجي مان وڃان.

❋❋

تون ڪرين ٿي گذر جنهن گهٽيءَ مان،
گُل ڦُٽي ٿا پون اُن مٽيءَ مان.

جئن ٻُسا وڻ سرءُ ٿي ڪري، ايئن-
چا مليو توکي مون کان ڪٽيءَ مان!

اُس چهرو چمڻ ٿي اوهان جو گهُري،
ٿي ڪري وس تڏهن اندر ڇٽيءَ مان.

رات مدهوش عالم سڄو ٿي ويو،
پِـي ويس تنهنجي نيڻن - وٽيءَ مان.

وار اچا وڃايئي، وَهي پيي ’وفا‘،
سبق سَکئين نـ عشق جي پٽيءَ مان!

❊❊



گيت سرجيم تنهنجي چُنيءَ تي،
چنڊ چهري جي روشنيءَ تي.

مرڪ ماڻا پيري ڪا راڻي،
شام نڪتي وري ٻنيءَ تي.

حسن پنهنجو ڏسي حجاب ۾،
هوءَ عاشق ٿي درسنيءَ تي.

چئن ٽڪـّن جي لئه ڏنو ورَ،
ڪارپ الزام هو ونيءَ تي!

ڇهڪ تنهنجيءَ ڏنا مٺيءَ مرڪ،
ڏوهه ڏيون ڪيئن چاندنيءَ تي!

❊❊

ديوار ڪا دردن جي، هڪ سور نئون اڏجي ٿو،
جڏهين بہ هو بي رخيءَ سان ڪٿ گڏجي ٿو.
هُو شخص فرشتو آ، شايد جو شاعر آ،
بس تنهنجي پيار ڪرم لئہ، وفا سڏجي ٿو.

❊

ميڻ بتيءَ جيئن ٻرندي پاڻ پگهارڻ سولو ناهي،
پل پل هيڪل وياڪل يارگذارڻ سولو ناهي.
پنهنجي پيرن منجهان اٿاري، سيني ساڻ لڳائين هان،
اهڙو ڪيئن نصيب ٿئي هان،سج ڏي نهارڻ سولو ناهي.

❊

هن سرد سياري ۾، سونهن سامهون پگهر لهي ئي نٿو،
اسان جي اکين مان پرينءَ جو گهر لهي ئي نٿو.
او ساجن! هڪ شخص درويش صفت ’حاڪم‘،
ان مٿان تنهنجي ڪاوڙ ۽ قهر لهي ئي نٿو.

❊

عمر گذرندي ٿي وڃي،
ڪک جيان اڏرندي ٿي وڃي.
يا خدا! تنهنجي ٻاجھ گهرجي،
هر خوشي وڪرندي ٿي وڃي.

❊



چاهتون قتلام ٿي رهيون آهن،
محبتون نيلام ٿي رهيون آهن.

هن ڪوڙ ۽ فريب جي دؤر ۾ يا خدا!
چڱايون بدنام ٿي رهيون آهن.

ڪوٺن اندر قيد ڪي نياڻيون اڄ پڻ،
جوانيءَ جي شام ٿي رهيون آهن.

جڏهن ڪان تو آسرو ڏنو اچڻ جو،
هي اکيون بي آرام ٿي رهيون آهن.

سڏاري نہ سگهينءَ عاشق مزاج وفا ڪي،
پيار ڪهاڻيون عام ٿي رهيون آهن.

❊

ڪي پتر پيار جا ۽ تمغا ها،
يادگيريون ڪتاب فوٽا ها.
ويو جلايو جنهين هو ڪمري ڪي،
تنهن ۾ تنهنجا ئي سارا تحفا ها.

❊

هُو جي دلبر ڇڏي ويو آهي،
مون نصيبن ڪي ئي ڇيو آهي.
مون ۾ شايد وفا ڪمي آ يا،
دؤر اهڙو اچي ويو آهي!

❊

هڪڙو قرب تہ يار ڪري ڇڏ،
پنهنجي پاڪر منجھ پري ڇڏ.
پاڻيءَ ريءَ مڇي توبن مان،
پاڻ ڪان نہ پرين ايڏو پري ڇڏ.

❊

ڏس تہ مرڪي ناز واري ڇوڪري.
ڪر ختم هي رات ڪاري، ڇوڪري!
نم جي هيٺان لاس وارن ۾ وڏيءَ،
ٿي سڳنڌي ٺاري ٺاري، ڇوڪري!

❊



ڳالهہ ڪئي منهنجي دل ۾ ٻاراٽي آهي،
ان بہ رکي هڪ پٿر سان ياراٽي آهي.

هن وٽ ٿهڪ خوشيون سڀ نوڪر آهن،
پنهنجي نيٽڻ – گهر ۾ دک جو پاٽي آهي.

سونهن سماع ڪري ماحول ئي مَنڊي وئي،
منهنجي سهٽي ڏاڍي هوءَ سياٽي آهي.

اُن پوپٽ وانگر دل جي رابيل وٽان،
ڪاوڙجي هر منڙي مرڪ اڏاٽي آهي.

پٽڪي پٽڪي ديس بہ ديس جا دوراها،
ڪا منزل نہ وفا راهيءَ ماٽي آهي.

❊

هر تمنا ذرا ڪري وئين.
تي جدا، مون فنا ڪري وئين.

ڏنّ خاطر تي شهر جو وئين،
ڏار دل جا پنا ڪري وئين.

نفرتن سان ڪجي محبتون،
منَ! متاهين انا ڪري وئين.

تون وڏو حسن پرست حاڪم،
سونهن جي هر ثنا ڪري وئين.

جا ڪويتا وفا جي تنهنجي لئه،
سا بہ ڦاڙي پنا ڪري وئين.

❊



## آزاد نظم

اي وقت جا ظالم!
تون ڇا ٿو سمجهين تہ
تون منهنجا قلم، پنا ساڙي•
مون کي بي هٿيار
ڪري سگهندين؟!
پر ائين هرگز ڪونهي
ڇو تہ علم ۽ اوندهہ جي جنگ
آدجگاد کان آهي ...
۽ اها جنگ صرف مان نہ پر
ايندڙ نسل جو هر نوجوان
ضرور وڙهندو رهندو ...
۽ هر ٻچو پڙهندو رهندو
منهنجو هي نعرو لڳندو رهندو!
’علم زنده آباد ...
ادب زنده آباد ...
علم زنده آباد ...‘

❊❊

• (19_12_2009) تي ساڙيل اسڪول ۽ لائبريري

## ♥آزاد نظم

اي وقت جا وڏيرا ...!
هي تنهنجا ڪتا ڪيستائين
غريبن مٿان ڀاهيندا ...؟
هي انگ اگهاڙا ۽ پيٽ بکيا
مسڪين هاري توتي دانهيندا.
هڪ ڏينهن
ڪٽي هٿن ۾ ڪهاڙيون ۽ ڏاتا
فصل جيئن تنهنجو ڪنڌ بہ لاهيندا.
هي معصوم اسڪول وڃي
تنهنجي هڪ هٽي ضرور ڍاهيندا.
انقلاب تہ اچڻو آ،
تنهنجي هي زور تہ ڍهڻو آ.
هڪ ڏينهن حساب تہ ٿيڻو آ
تون ڪيسين قلم ڪسيندين؟
تون ڪيسين ڪتاب ساڙيندين؟
هڪ ڏينهن سڀ حساب ڏيندين
سڀ حساب ڏيندين ....!

❊❊

♥ تي ساڙيل اسڪول ۾ لائبريري (19_12_2009)



خواب ميڙي نوان نند مرڪي ڏنو،
رات تو گهر مٿان، چنڊ مرڪي ڏنو.

پير تو جو رکيا ها ڪناري مٿان،
شام سچ پچ سڄي سمنڊ مرڪي ڏنو.

توڪان پرتي رنو هو بہ سڏڪا ڀري،
تنهنجي آئي ڪڇيءَ ـ بنڊ مرڪي ڏنو.

مان اکين تي رکي ٿو چمان بار بار،
خاڪ پيرن جي تنهن چنڊ مرڪي ڏنو.

مون جهلي جهولڙي اڄ 'وفا' وٽ جيئن،
هن بہ حاڪم ورهہ ـ ونڊ مرڪي ڏنو.

❊

ياد سمهڻ ئي نہ ڏيئي سرتا!
خواب خوشيون سڀ توکي پرتا.

هي سودو مون ڪيو خوشيءَ سان،
سک ڏئي توکي ڏک ورتا.

سگهندي نہ حجابن منجهہ لڪي،
سانئڻ! تنهنجي سونهن سندرتا.

دلين جي شمشان گهاٽن ۾،
موتي ڪو سُجهندُو ڪر سرتا!

سڀ ڪجهہ فاني ٿيندو حاڪم!
بس رهندي رڳو پريت امرتا.

❊❊



پيار جي راهہ تي پير ڪٽبا،
ڪو نہ ويهي سدا خار ڳٽبا.

ڪندا لفظن جا هن گهرا ٿيندا،
سي حرف ئي زخم نيٺ بڻبا.

هي اکين جو اداس ديس آهي،
تيل سرمو نہ ۽ زلف اٽيا.

ڪو خزائن جو لکبو قصو ڪئن؟
ڪيترا راهہ ۾ پنّ ڇڻبا.

مئڪدي ۾ پڳو آهيان ’حاڪم‘،
ڇڻ پرينءَ جا چمي چپ سٽيا.

❊❊

## گيت

لڙڪ اکين مان ڪوسا وهندي،
عيد آئي،
غم جا پاچا نيڻن ۾ لهندي،
عيد آئي.

تو تہ خوشين سان عيد ڪئي،
منهنجي ديس واسين نہ خريد ڪئي،
دردن ۾ مارن رهندي،
عيد آئي.

شهر ٻڏي ويا فصل سُڪي ويا،
ڪاڏي حڪمران بہ لڪي ويا،
موت سان جنگ وڙهندي،
عيد آئي.

ڪو رستو ڪو ماڳ نہ بچيو،
مسجد، مندر، گرجا گهر نہ بچيو،
چهرا سڀ پيلا پاند پُسندي،
عيد آئي.

ڪشمور کان ڪيلاچي تائين،
سڀ نيڻ هئا رب در دانهين،
گهرڙا سڀ ڪکاون ڍهندي،
عيد آئي.

❋❋

27-08-2010 تي آيل ٻوڏ کان پوءِ آيل عيد



توسان تنهائيءَ ۾ جا گفتگو ٿي رهي،
پاڻ کي پاڻ ۾ ڳولڻ جي جستجو ٿي رهي.
يا خدا! هن خدائيءَ ۾ حق سچ ڪان،
چو خفا ساري دنيا هرپرو ٿي رهي!؟

❋

پاڳ رُنل آ پونءِ سڄيءَ ڪان،
درد مليا شايد تہ ڇتيءَ ڪان.
تو بہ پاجھ نہ جهلي پانهن،
يار موتياسين چاڻ وهيءَ ڪان.

❋

جي ڳڏ هئا ساڻ سفر زندگيءَ ۾،
سي دوکو ڏئي ويا دوستيءَ جي روپ ۾.
اسان ماڻهو سچا نہ سڃاتو سوداگرن کي،
ملائي زهر ويا چانهہ جي ڪوپ ۾!

❋

لڙڪ اگهي ڇڏ اجرڪ سان،
موڪل ڏي هڪ مٺي مرڪ سان.
جيئندان سدا ڏي جاني سائل کي،
ملندو جيون لبڙن سرڪ سان.

❋

ڏک وئين اهڙو ڏئي جيون ۾،
ياد ڏياري ڇڏيئي ننڊپڻ.
روز ڪيان ٿو فون ڀ توڏي،
ڪنهن ڏينهن مٿي! ڀ فون تہ ڪڻ.

❊

ٻَڏي هٿ ڇيم تو سوا ڪا نہ سَرندي،
ڪري ماٺ ڏنئي ذرا ڪا نہ ورندي.
پري توڪان ڪاري هجر ۾ سدائين،
اسان جي جسم جي مٿي پيئي ڳرندي.

❊

پيرن ڳاڙها پير جهليا،
تو چو پنهنجا پير جهليا؟
هڪڙي تو ڪاڻ پرين مون،
جڳ جا ڪيڏا وير جهليا!

❊

اُٿي ڪا صدا دل جي ڇپڙن مٿان،
گهٽو ئي مگر پاڻ روڪي وياسين.
پو شايد رهيو هوش ’حاڪم‘ نہ ڪو،
اوهانجي اکين مان جو ڏوگهي وياسي.

❊



صدا جي لڄ رکٽي آ،
وفا جي لڄ رکٽي آ.

ڏيون ٿا داڻُ سر جو،
سخا جي لڄ رکٽي آ.

اگهائج عرض ڪو يا رب!
دعا جي لڄ رکٽي آ.

اجهامي ديپ ويا سارا،
هوا جي لڄ رکٽي آ.

ڏني ڏرتي لئہ لاهي پيٹ،
ردا جي لڄ رکٽي آ.

بچي شل ماٺهپو جڳ ۾،
خدا جي لڄ رکٽي آ.

سنيارڻ جي رُڄ ۾ آهيون،
صبا جي لڄ رکٽي آ.

❊❊

ڪين ٻي امتحان ۾ رکجو،
هاڻ پنهنجي امان ۾ رکجو.

اي مسافر! ٻہ گل چڱائيءَ جا،
هن سفر جي جهان ۾ رکجو.

هن دري کان بہ سمنڊ اڳتي آ،
هي بہ ساحل! ڌيان ۾ رکجو.

ڪين ڇڏجو صنم ڏڪاري ايئن،
پنهنجي نظرن جي شان ۾ رکجو.

ڪا حقيقت نئين، وفا حاڪم،
پنهنجي شعري بيان ۾ رکجو.

❊



## نثري نظم

ها پرين!
اڄ وري 31 ڊسمبر جو مختصر ڏينهن آهي.
هي سياري جو سج،
تنهنجي واعدن جيان
بي مهلو، بي مهرو آهي.
شام پنهنجي مُنهن تي ڳاڙهاڻ آڻيندي
تنهنجي موجودگيءَ جو اقرار ڪري ٿي.
۽ سج رات جي جهوليءَ ۾
آهستي آهستي پنهنجو منهن لڪائي
آرامي ٿئي ٿو.
چنڊ پنهنجو روشن چهرو نمودار ڪري ٿو
چنڊ سان گڏ اسان جا جذبا بہ جاڳن ٿا
خيال اڏارون ڪري،
تنهنجي روشن محل ۾ رلن ٿا
۽ اڄ پهرين جنوري جو سج
مرڪي وڻن مان نڪري ٿو
۽ هڪ آس توسان وري
نئين سال ۾ ملڻ جي جاڳي ٿي ...

❊❊

وات کو دنيا وارن جو بند ڪري،
روز اچان ٿو توڏي پنڌ ڪري.

مون کي لتاڙي ٿو هت هرڪو پيو،
منهنجي سادي من کي ٻنڌ ڪري.

سپ کو سير سڏائي پاڻ پڏائي،
پاڻ کي ڪوئي نٿو گهٽ پسند ڪري.

پنهنجي خواهش جا سپ ٻيڙا ساڙي،
پاڻ هلياسين تنهنجي تار تند ڪري.

مون کي چڱي فقيري تنهنجي در جي،
ان کان وڏيڪ نہ مونکي دولت مند ڪري.

عشق ۾ ڪجھ نہ بچي ٿو ماڻهو سائين!
عشق نہ ڪوئي هتڙي عقلمند ڪري.

سڄڻ قبولي حاڪم شل هي التجا،
دردن کان آجي منهنجي جند ڪري.

❊❊



زلف ڪوليا جو تو هوائن ۾،
آهي خوشبو ڪِلي گهٽائن ۾.

هير سرگم صبح ٻڏائي پئي،
درد ڪوئل جي آھ آهُن ۾.

منهنجي آڳر هوا جي جهوٽي جان،
آءُ پرخلوص پيارَ! ٻانهُن ۾.

چنڊ جي روشني چٽيان ٿو مان،
آٽي جوين نئون نگاهن ۾.

بي وفائي آ تنهنجي فطرت ۾،
منهنجي ڳوهيل متي وفائن ۾.

❊❊

ٿو سجو شهر پٿر هٽي چوڪري!
ڪير توڏي نظر ڪئن ڪٽي چوڪري!

منهنجي چاهت سچائيءَ پري سوچ ڪي،
روز ٿي نفرتن ۾ ڳٽي چوڪري.

زلف ڪوليا وري رات پنجوڙ لئہ،
چنڊ بن اُپ نہ ڪنهنڪي وٽي، چوڪري!

زرد پتن جي موسم وري آ، وري،
ڪير پن چڻ جيان ٿو ڇٽي چوڪري!

ڪيڏو رسوا بہ جڳ ۾ ڪيائين وفا،
پو بہ پنهنجي نہ پل لئہ ٻٽي چوڪري!

**



جڏهن ڪان هوءَ صنم دور ٿي وئي آ،
گهڙيءَ جي اک لڳي ناسور ٿي وئي آ.

صبا جي سرد جهوٽن ۾ او سائين!
تنهنجي ياد پل پل پور ٿي وئي آ.

زمانو آ چٿرون ڪندو رهيو مون تي،
۽ دل چاهت ۾ چور ٿي وئي آ.

ڳلي پنهنجي لايو تہ هلڪو بار ٿي،
اسان جي دل لڳي قصور ٿي وئي آ.

اڏائي ٿي پتا روز روڄن مٿان،
هوا شهر جي پيي مغرور ٿي وئي آ.

انهن جهانورين اکڙين جي حاڪم،
سهيلي هوءَ نور ٿي وئي آ.

*

شام سمي مرجهايو سرنهن – وڻ،
هن کي پيي ياد آئي چڻ!

باک مٿان ڪنهن لاک آ لاٿي،
اُڀ ڏي ٿورا نيڻ تہ ڪڻ.

روح جو رڻ واسي پوندو،
تون ڪو زلف ۔ گلاب تہ هڻ.

جنهن تي منظور نظر رکين،
سونو ٿيندو سو پڻ.

جئن ڪو هاري لاب ڪري،
ايئن تہ تون نہ ’وفا‘ کي لُڻ.

❋❋



صدين کان چنڊ پهرو ڏنو آ،
اڪيلائي کان نہ هو ڊنو آ.

اسان پوپٽ تي ڳوليوسين جنهن کي،
زماني سو بہ گلڙو چنو آ!

ڪئي ڌرتيءَ سان جنهن پيي غداري،
ڪيو ها! وقت تنهن کي ڪنو آ.

اوهان پيارن جي نگري ۾ رُلندي،
وري لڙڪن ۾ دامن پنو آ.

هجومن ۾ تہ مرڪيو آ ليڪن،
وفا’ حاڪم‘ تي تنها رنو آ.

❋❋

هوءَ گهتيءَ مان چا گذري،
هي دل جڻ باهہ تي اُڀري.

هيل پرين! پٽچي بنجي،
دل جي وڻ تي آ اڏري.

اي عشق! نوازش آ تنهنجي،
ويو هان مان منزل اُڪري.

ڪاري رات جي پويان، ڏس!
ڪيڏي باک ڦتي اُجري.

اج وري حاڪم دل اندر،
ڪنهن جي تات آ اُڀري.

❊❊



تنهنجي ياد جو پل پل آهي،
ڍنڍ اکين جي جلتل آهي.

هوءَ سهڻي وڏ سنگ مرمر،
چڻ تہ جسم ۾ ململ آهي.

هن ڪوليا زلف سڱنڌ پريا،
تڏهن هوا ۾ هلچل آهي.

هن ڪي ماڻڻ جي جهد تہ ير!
من ۾ رهي مسلسل آهي.

يار چيو لاغرضيءَ مان اچ،
ماضي محبت ڪل ڪل آهي.

تون مچ نہ مچ اي بي وفا!
حاڪم جي پريت اٽل آهي.

❊❊

ٽوڙي مرڪي اڇي رهيو آهيان،
جڳ ڦڏي ڪان بچي رهيو آهيان.
آهي دنيا بہ سفر ٽانڊڻ جو،
مان مسافر پڇي رهيو آهيان!

❋

ميسيج موڪلياسين روز پر،
ملي ٻئي نہ سگهياسين روبرو.
حقيقت شاعري آ حرفِ تمنا،
چئي جيڪا نہ سگهياسين روبرو.

❋

ڇو ٻيٽو آهين ٻانهن ٻڌي ڇوڪرَ!
ٻي دنيا تو ڪٿ نہ لڌي ڇوڪرَ!
تون تہ اڃان ٻي چنڊ تڪين پيو،
ويو اڳتي آ لوڪ وڏي ڇوڪرَ!

❋

تنهنجي درشن لئہ ترسي پيو آهيان،
بادل ٻڻجي اڄ برسي رهيو آهيان!
دل ۾ دفنائي ارمانن جا گل،
هاڻ ملهائي ڪا ورسي رهيو آهيان.

❋



دردن ڪي پائي ڳل ڳراٽي،
جاني! اسان هيءَ جواني ڪاٽي.

تنها گهٽين ۾ رول ازل ڪان،
تنهائي ٽي ڀرائي ڀنواٽي.

پاڻ گُهري سي پيار ذري پر،
ڏني ڀري تو پيڙا - پاٽي.

روز اسان سنسان گذر تي،
تولئہ ٻاري آهہ ڏياٽي.

’حاڪم‘ هرڪو مطلب جو هت،
ڪو نہ رهي ڪا ياري گهاٽي.

❋❋

هي اڪيون ننڊ لاءِ تڙپن ٿيون،
جڻ سپون سمنڊ لاءِ تڙپن ٿيون.

رات آهي اُماس ڌرتيءَ تي،
جيوتون چنڊ لاءِ تڙپن ٿيون.

ڪاغذن ۾ هي قيد بند آهن،
ڪويليون ڪنڊ لاءِ تڙپن ٿيون.

خواب سارا هوا سان اڏري ويا،
ساڀيا - منڊ لاءِ تڙپن ٿيون.

تنهنجي در تي سنڌءِ اڪيون حاڪم،
ورهه جي ونڊ لاءِ تڙپن ٿيون.

**



# نثري نظم

## عڪس

صبح جا ڪنوارا ڪرڻا
پونءِ ڪي چمين ٿا
تازه گل روح ۾ خوشبو پکيڙي
تنهنجي سنهري چهري جي روشنيءَ جي
سج جا اُهي ڪنوارا ڪرڻا
مرڪ ٻنجي پون ٿا
رنگ تنهنجي چوليءَ جا
پوپٽ چورائي وڃن ٿا
۽ پکين جي چهچاهٽ ۾
هوا جا جهوتا رقص ڪن ٿا..
سونهن تنهنجي تي نوڙي
ٻوٽا سجده ريز ٿين ٿا ...
رات جو ستارا توکان
روشني چورائي جهرمر ڪن ٿا
چنڊ بہ تنهنجي مهتابي چهري کي
ڏسي شرمائي ٿو
۽ ڪنڌ جهڪائي ٿو
هيءُ سڀ سهڻا منظر
تنهنجي مرڪ جا منتظر
جو تہ سمورو جهان
تنهنجي وجود جو عڪس آ پرين!

**

تصوير تنهنجي چمي نيڻ،
هر وقت رهن شبنمي نيڻ.
جهان جي سپني منظرن ۾،
تنهنجي محسوس ڪن ڪمي نيڻ.

❋❋

هو وڻ تنها ندي ڪناري،
ٿو مون جئن جڻ راهه نهاري.
آءُ پرين اچ هڪ پيرو،
وچ جيون ۾ شمعون پاري.

❋❋

ڇو رهين ٿو ڏار مون کان،
ٿي سڄڻ منهنجو تون سايو.
هاڻ اوسيئڙو آ پنهي جو،
هُو پڳو يا موت آيو.

❋❋

يا خدا! هي احسان ڪر،
ماڻهپي جو انسان ڪر.
چند سڪن خاطر نه ڪنهن کي،
ايترو بي ايمان ڪر.

❋❋



تنهنجي جو انتظار ۾ آهيون،
ڪين پل ڪو قرار ۾ آهيون.

سک – ڪناري رسايو من – ڪشتي،
درد جي منجهڌار ۾ آهيون.

اهڙي الزام تي شڪر، يارو!
عاشقن جي قطار ۾ آهيون.

توسان گڏ جڻ سئو لڳي هر پل،
توکان پرتي آزار ۾ آهيون.

پيسي ميڙڻ جا تي سگهيا نه خفا،
اج به غربت جي چار ۾ آهيون.

نينهن جو آ نشو وڏيڪ وفا،
مئڪشي جي خمار ۾ آهيون.

❋❋

هوءَ اکين جو خواب ٿي پئي آ،
منهنجي محبت جو باب ٿي پئي آ.
هوءَ گلشن ۾ معصوم مکڙي هئي،
اڄ تہ ٽڙي گل گلاب ٿي پئي آ.

❋❋

ڇُهي ٿي وڃي دل جي ريگستان کي،
ٿو کوليان اوهان جي خطن جي خوشبوءِ.
بهارن ۾ ڪٿوري جيان ٿي ڪلي،
هوائن ۾ تنهنجي ئي زلفن جي خوشبوءِ.

❋❋

پنو جڻ ڪتاب مان ڪڍي ڇڏيئي،
قصو دل جي باب مان ڪڍي ڇڏيئي.
رنو مون تہ دنيا وارن خوب ٽوڪيو،
ڪليو مون احتساب مان ڪڍي ڇڏيئي.

❋❋

جيئي سنڌ جي نعري سان خون ٿو ٽپي،
جو اک ميري ڪٽي ڌرتيءَ ڏي دوستو!
ڇڏيون ان جو هيڪر ڪنڌ ڪپي،
هو ڌاڙيل هو ڌاريو، هو وڏيرو،
نہ ڪپي، نہ ڪپي، حاڪم هرگز نہ ڪپي.

❋❋



هو جدا ٿي ويو،
سڀ فنا ٿي ويو.

جنهن کي چاهيو اسان،
سو خدا ٿي ويو.

خواب ٽڪرا ڪري،
بي وفا ٿي ويو.

پل جو مرڪي ملڻ،
چو سزا ٿي ويو.

ماٺيو ٿيو ختم،
من انا ٿي ويو.

عشق حاڪم اندر،
لاپتا ٿي ويو.

❋❋

آس توسان ملڻ جي رهي من ۾،
تڙپ توکي ڏسڻ جي رهي من ۾.

ڪوڙ خط مون لکيا نانءِ تنهنجي پرين!
هڪ تمنا پسڻ جي رهي من ۾.

گفتگو فون تي ٿي گهٽي ئي مگر،
آس ساموهون ٻڌڻ جي رهي من ۾.

انتظاريءَ ۾ آهن جڳن ڪان اکيون،
هڪ اميد تو اچڻ جي رهي من ۾.

مان گهٽو ڏار ٿي توکان آهيان رنو،
هڪ ئي آشا ڪلڻ جي رهي من ۾.

ٿي وياسين شڪار رسم ريت جا،
خواهش گڏ رهڻ جي رهي من ۾.

**



## تہ سنا

پيـر اگهاڙا قـاتـل جرسي،
هو هاريءَ جو پار تہ ڏس!
آهي جڻ ڪو ماڻهو چرسي.

جهوپڙن ۾ ٻارڙا مرڪن ٿا
پل ڪي شاعر تخليقون ڪن،
جيسين ڏيئا جرڪن ٿا.

واءُ ۾ درد جي آ سڳند
جڻ پنو پاڪ ڦاڙيو ويو
يا ٽٽي ڪا هجي نازڪ تند

هوءَ پير ڪٽندي ٿي رهي
پيلي پن جيان اسان جي
جواني ڇڻندي ٿي رهي.

تو ۾ مون ۾ آهہ تفاوت
امن محبت جا پوڄاري اسان
تنهنجي دل ۾ رڳو عداوت

كير روكي كي رستي ۾ ڳالهيون كري،
نہ اچڻ جي خبر، نہ وڃڻ جي خبر.
پتكندو ئي رهيس ورهيہ كان پوءِ پي،
كنهن ڏني كين مونكي سڄڻ جي خبر.

**

سڄي رات پتكي اوهان جي ڳلين ۾،
نئون دک وڇوڙي جو جاڳيو اکين ۾.
کٽي خواهشن جا جنازا ورياسين،
مليو كونہ تنهنجو پتو مئكدن ۾.

**

آهہ تامون زمين، آسمان دور آ،
پنهنجي منزل اجان مهربان دور آ.
دل چئي تي جلڻ لئہ مزارن مٿان،
اڄ بہ هر دوستيءَ جو مكان دور آ.

**

دنيا ۾ مشهور ثقافت اسان جي،
ٽوپي اجرک آهي سڃاڻپ اسان جي.
اچو سنڌ واسيو وچن هي كيون،
ٽوڙي نہ سگهندو كو طاقت اسان جي.

**



مان جو تنهنجي پاڙي وينس،
دنيا كان منهن لاڙي وينس.
سندر محل ڏٺا سوچن جا،
سپنا سارا ساڙي وينس.

*

هوا ۾ گل لڏن ٿا،
پريان پوپٽ اڏن ٿا.
انهي سمنڊ بي انت ۾،
نوان ارمان ٻڏن ٿا.

**

روز سپنن ۾ ايندڙ سكي!
ننڊ چورائي ويندڙ سكي!
توڙ نہ دل هي شيشي جهڙي،
كونہ ملندم ڳنڊيندڙ سكي!

**

پيار آهي پنڌ ريتيءَ جو،
ڦل متو محبت جي كيتيءَ جو.
تڙپيو لڇيو ۽ پوءِ لكيو،
شعر حاكم آ آب ٻيتيءَ جو.

**

چا ڪندا ڏڪّ، پيار جي پنڌ ۾،
تون وڏا ٻڪ، پيار جي پنڌ ۾.

ديد توکي ڏسڻ لاءِ رولاڪ آ،
ڪيڏ جدائي ٻڪ، پيار جي پنڌ ۾.

زندگيءَ جي انهيءَ موڙ تي ڪيترا،
دوکا مليا ڏُک، پيار جي پنڌ ۾.

تنهنجا اهنج مون کي اکين تي سيئي،
تون سدا ماڻ سک، پيار جي پنڌ ۾.

ٿي سٺائو سفر آهه پوندو سچڻ!
کي سچايون رک، پيار جي پنڌ ۾.

❋❋



سهڻي تنهنجو سهڻو مرڪڻ،
ٿوري نظر نماڻي پيي ڪڻ.

آيا لڙڪ گلن جي اکين ۾،
مند وري جو آئي پن چڻ.

اندر ۾ آنڊ مانڊ اُٿي،
ڪنهن ياد ڏياريو جو نڊيپڻ.

مسڪايو شرميليءَ سائڻ،
ڏنگي ويو جڻ ڪوئي هڻ ڪڻ.

آءُ اچي ڏي پيار جو پاڻي،
وڏي وفائن جو هاڻي وڻ.

❋❋

پٹچيءَ کي پرواز نہ هوندو،
خالي ڪو آواز نہ هوندو.

پيار تہ آهي امرت ڌارا،
پيار منهنجو بي نياز نہ هوندو.

دل جون مبهم ڳالهيون توسان،
توکان لڪل ڪو راز نہ هوندو.

ياڳ آ منهنجو تنهنجي هٿ ۾،
مون وٽ ڪو اعجاز نہ هوندو.

تو جهڙو منهنجا پرين جڳ ۾،
بي وٽ نظر ناز نہ هوندو.

ايڏو سهڻو ناهڻ واري کي،
اجان بہ توتي ناز نہ هوندو.

❋❋



تولئہ لچي هي دل،
سپ ڪان پڇي هي دل.

ڪڏهين تہ ملندين منڙا!
تڏهن پتڪي هي دل.

اوجاڳن يا ننڊ ۾ مٺي!
تو وٽ پهچي هي دل.

ڏسندي ناهي توکي پيارا!
بيحد تڙپي هي دل.

چاهت تي سوچي حاڪم،
هرپل مرڪي هي دل.

❋❋

سونهن جو جي سماع ٿيندو،
دل جو پو ڇا دفاع ٿيندو.

حسن ٽڪريو نگاهہ سان آ،
ڇو نہ روشن شعاع ٿيندو.

ڪيئن دل تان لهي پلا هو،
ڇا خبر الوداع ٿيندو.

تنهنجي مرڪن هڳاءُ سان ئي،
آهہ لڙڪن جو وداع ٿيندو.

دل جو دفتر نہ کول ’حاڪم‘،
درد جو اجتماع ٿيندو.

**



ڏينهن جو سپنا ڏسي ٿو ڪوئي،
توڏي چنيون پيي لکي ٿو ڪوئي،
شهر ۾ ويرانگي آ ڏاڍي،
شام توڏي ئي اچي ٿو ڪوئي.

**

اُجڙيل دل جو آڏار اچي گهر منهنجي،
يارب! هڪ پيرو يار، اچي گهر منهنجي.
مون کي منهنجي گهر جو ڏس پتو ملي،
هو سهڻو حاڪم هڪ بار، اچي گهر منهنجو.

**

روح پڃڇي اداس رهندو آ،
توٽي تنهنجي ئي آس پاس رهندو آ.
نفرتن جي جهان ۾ چيڙهيل،
چاهتن جو لباس رهندو آ.

**

ماڪ نيٽن مان وري ڇٽندي رهي،
ياد ڪوڪا ذهن ۾ هٽندي رهي.
مرڪندي هوءَ چنڊ چهري تان وفا،
هوريان هوريان نقاب ڪٽندي رهي.

**

پکي تي هوا ۾ اڏاميو آهيان،
جدا توکان ڏاڍو ڪاميو آهيان.
دنيا جا سڀئي قيد هڪڙي پاسي،
رڳو قرب تنهنجي ۾ غلاميو آهيان.

❋❋

ڪير ٿو چوي تون جدا آهين،
مون ۾ شامل ٻه خدا آهين.
هن جي موجودگيءَ جي تون،
دنيا ۾ سهڻي ادا آهين.

❋❋

سار تنهنجيءَ ۾ نگاهون مسافر،
اڄ وري جو گهليون هوائون مسافر!
سانوري روح منهنجو زخمي ٿيو،
پنڌ ۾ آهيان آئون مسافر.

❋❋

ڪسي وئينءَ دل اڪ چنبي ۾،
باز جهتي جڻ جهرڪي اُپ ۾.
هي دل حاڪم جي ديواني،
وڃي اڙي هڪ اڻ لپ ۾.

❋❋



واءُ سان گڏ واڪا ڪري،
ڪانگ پيو ’ڪان ڪا‘ ڪري.

تنهنجي يادن جي وچ وري،
اڄ صنم تي وراڪا ڪري.

درد ٿو روز چڙهندو وڃي،
دل متي ڏاڪا ڪري.

پيار وارو پيچرو من!
تون وئين جهاڪا ڪري.

هجر ۾ ’حاڪم‘ هيئنڙو،
روز ٿو ڀاڪا ڪري.

❋❋

گلابن کي ٽڙڻ ڏيو او پن ڇڻ جا حامي!
پيار پيار ڪرڻ ڏيو او پن ڇڻ جا حامي!

عشق جون عبادتون سڀ اجريون ئي آهن،
سونهن کي پوڄڻ ڏيو او پن ڇڻ جا حامي!

حسرتن جا سڀ وڻ ساڙيو نہ ظالمو!
محبتن کي وڌڻ ڏيو او پن ڇڻ جا حامي!

منصوري منشور کي ڪٽي نڪتو آهيان،
سچ سولي چڙهڻ ڏيو او پن ڇڻ جا حامي!

هڪ پيرو تہ حاڪم جي جيون ۾،
مرڪن کي اچڻ ڏيو او پن ڇڻ جا حامي!

❋❋



رات ٺري آهي،
دل بہ ٻري آهي.
مان هلڪو هوا جان،
ياد ڳري آهي.

❋❋

پيٽ ٻُڪي جي جستجو،
وقت سُکي جي جستجو.
غريب جي کهڙي منزل؟
نانَ ڳپي جي جستجو.

❋❋

اڄ گهليو هجر جو جهولو،
ٽيو ڇيهون من جو چولو.
اي موت! ترس ٿورو ير،
هو اچن نڪري ساهہ تہ سولو.

❋❋

سچ جي تيلي سان ساڙيون،
ڪوڙ ڪپت کي تہ اجاڙيون.
تقدير لکون پنهنجي هٿن سان،
ڇو پوتارن تي ٿا پاڙيون!؟

❋❋

محبتي مئڪدو تلاشيان ٿو،
يار! تنهنجو پتو تلاشيان ٿو.

دوستو ڪيو دعا ملي شل سو،
عشق جنهن سان لڳو، تلاشيان ٿو.

يار جيڪو ڏنو نشانيءَ ۾،
سو ڪريل اڄ ڇلو تلاشيان ٿو.

جت نہ نفرت ڪروڌ، ڪفر هجي،
يار اهڙو آجهو تلاشيان ٿو.

پنهنجي وجود کي وڃائي ’وفا‘،
پاڻ کي پاڻ ڇو تلاشيان ٿو!

❋❋



ڇا تہ لکيو حاڪم!
بس درد رکيو حاڪم.

ڪوتا جي سٽ سٽ ۾،
آ غم پڪيو حاڪم.

ڇا عشق ڪيم ير،
ڇڻ نانگ ڪڪيو حاڪم.

تنهنجي در تان جاني،
آ سچ سکيو حاڪم.

دنيا جي نہ غرض،
محبت جو بکيو حاڪم.

❋❋

پي نہ ڪنهن پيي پار ڪان مليو،
درد پنهنجي يار ڪان مليو.
عشق جو ازلي اهو ڏک،
آهہ نِنڊڙي ڄمار ڪان مليو.

❋❋

آءُ تہ دوست هيءُ اڄ وچن ڪريون،
دلين مان ڪڍي نفرت دفن ڪريون.
ڇڏي هي جهيڙا وير ۽ ڪينا 'وفا'،
سنڌ ڌرتيءَ تي سدا امن ڪريون.

❋❋

ماريو تنهنجي موهہ ميان!
منهنجو ڪونهي ڏوهہ ميان!
ڪيئن سنپايان مان اڪيلو،
هي دردن جو انبوهہ ميان!

❋❋

هزارين ئي طعنہ مليا روز هن پر،
رکيو مون اکين تي آ هر توڪ کي.
هو عاشق چريو ناهي حاڪم وفا،
ڪو سمجهائي هن ڳوٺ ۔ مخلوق کي!

❋❋



ڇا مليُو توکي منهن متائڻ وارا،
ڏئي هٿ هٿ ۾ پوءِ ڇڏائڻ وارا.

منهنجي پونءِ جا چپ ڦُتي پيا آهن،
او نيري سمنڊ مٿان مينهن وسائڻ وارا.

هُو پٽر دل ماٺهو بہ روئاري ويو،
روئي دل جو حال پڌائڻ وارا.

تون تہ جشن ٿو روز ملهائين يرا!
مون کي گهري چوٽ رسائڻ وارا.

ڪين رسامي ٿي لڙڪن جي بارش سان،
دل ۾ برهي باهہ لڳائڻ وارا.

❋❋

غلط يا درست آهيان،
مان حسن پرست آهيان.

تنهنجي ياد جو دل تي،
پرينديو جو پرت آهيان.

جڳ چيو دولت سپ آ،
عشق چيو امرت آهيان.

تون نٿو چاڙين موڪ!
ساڃاھ سرت آهيان.

تنهنجي حڪم تي حاڪم!
هت پهتو ترت آهيان.

❋❋



مئي محبت جي تہ آفاقي هئي،
تو وٽ چا مئڪدي ۾ ساقي هئي.
مرڪ چپڙن جي مري وئي،
آس جيئڻ جي نہ باقي هئي.

❋❋

پاڻيءَ ۾ پٿر ترندو ناهي،
سچ ڪڏهين پيي مرندو ناهي.
سچ تہ شيهي جيان شوخو،
ڪوڙ اڳيان هرگز پرندو ناهي.

❋❋

اڙي گل! چٽي هيٺ ڪرندين،
نظر ٿورڙي اڳ ۾ ئي جهڪاءِ.
ڪُليو چاهتن جو ڪڏهن ڳجهہ،
پنن تان ڪٽي ڪجهہ ازل ڪان ٻڌاءِ.

❋❋

پنهنجي پوڄا ڪندڙ ۽ پرستار سان،
ايڏي ناراضگي نهي ڪو نہ ٿي.
ڪجهہ سچائي ڪيو جي ملڻ جي وفا،
وچ ۾ سنڌو ندي ڪا وهي ڪونہ ٿي!

❋❋

ماڻھو ھڪڙا ڏاھي ٿو،
ٻ پيا گھر چو ٺاھي ٿو!

موت ملائڪ ھوندي چو،
جيون جا گل چاھي ٿو.

اڄ بي سچ جي پويان ڏس،
جڳ سجو ئي ٻاھي ٿو.

پڃري ۾ قيد پکي، پر-
آزاديءَ لئہ ساھي ٿو.

توکي ساري راتو ڏينھان،
لڙڪ اکين مان واھي ٿو.

سئو فيصد آ سچ اھو،
حاڪم توکي چاھي ٿو.

**



آس جو بستر گول ويو ٿي،
خالي من ڪشڪول ويو ٿي.

تنھنجو نہ رھيو منھنجو نہ رھيو،
ائين ڪمتر ماحول ويو ٿي.

ڳالھہ الائي ڪھڙيءَ تي اڄ،
بدظن منھنجو ڍول ويو ٿي.

ڏار پيلا ڪيئن رھي سگھبو،
گڏ گھارڻ جو قول ويو ٿي.

دوست شابس اٿئي توکان پو،
حاڪم ڪيڏو رول ويو ٿي.

ڪير بہ پنھنجو ڪو نہ ڪري ٿو،
چڻ تہ وفا انمول ويو ٿي.

**

سوچ ساگر ۾ پاڻ ٻوڙي ٿو،
لفظ مالها ڪوي ڪو جوڙي ٿو.

هن هجر جو عذاب روڳ ڪٽي،
نينهن ڏاڍو اجان نهوڙي ٿو.

خار هوندي گلن پنيان پويٽ،
عشق کهڙي ۾ روز ڊوڙي ٿو.

يار وانگر ضدي صنم منهنجو،
دل به رانديڪي جيئن توڙي ٿو.

بي خبر کي خبر ڏيو حاڪم،
روز تولڪ اندر ولوڙي ٿو.

❋❋



ڪيڏي نه ڪشش تنهنجي ملاقات ۾،
ننڊ نه آ نيڻن کي سڄي رات ۾.

تون پنهنجي نظر روشن رک،
ايندي جهيڻائي نه جذبات ۾.

منهنجي پوليءَ جا سپ سُر سمايل،
تنهنجي منڙي هر هڪ لات ۾.

ڪونه ڪٽي متبادل ملندو،
منفرد آهين پنهنجي ذات ۾.

تون جي چهين ته ٿيان سچ مان،
هٿ رکي ڪر احسانات ۾.

حاڪم جهڙي فقير ماڻهوءَ کي،
پرين رهڻ ڏي پنهنجي اوقات ۾.

❋❋

نيڻ توڏي جئين ڪجن ٿا پرين!
چنڊ سان تارڙا ڪِلن ٿا پرين!

حسرتن جا ڪنوارا قافلا،
دل جي ڪولي دري اچن ٿا پرين!

سارو ماحول ساز سان پُر آ،
چار جگنو اداس ڪن ٿا پرين!

عشق جي بارگاھ ۾ عاشق،
دل جو تحفو ڪٽي پڇن ٿا پرين!

هر نئين سال تي وفا حاڪم،
ڏک ڪليندڙ نوان نهن ٿا پرين!

❊❊



دل در ڪان پرتي پيير نہ رک.
صنم! اچڻ ۾ دير نہ رک.

مدهوش ٿين ٿا منظر پيي،
لاهي جهٽ لئہ چير نہ رک.

پل مون ڪي سزائون ڏي پر،
پنهنجي دل ۾ غير نہ رک.

ٿورا نيڻ مٿي تہ ڪڻ تون،
اکين ۾ انڌير نہ رک.

پنهنجي ننيڙي خواهش لئہ،
ڌرتي لئہ ڪي مير نہ رک.

ڪوڙ خلاف وفا ڏي هوڪا،
حاڪم سچ سان وير نہ رک.

❊❊

نيڻ ڪنيا تو، تيرُ لڳل آ،
وس ۾ نہ رهي منهنجي دل آ.

ترسن نيڻ ڏسڻ لئہ توکي،
دم دم تن ۾ روز اٿل آ.

تون تہ سڪون سان گهارين گهر ۾،
مون لاءِ وڏي هت مشڪل آ.

هڪ تون ئي ياد رهيو آهين،
وسري وئي پي دنيا ڪل آ.

عجب اٿئي اسرار اکين ۾،
ٿيو حاڪم توڏي مائل آ.

❊❊



نيٽن جا بند نہ ڪر مئخانا، ساقي!
رُلي نہ وڃن رند ٻہ ٽي ديوانا، ساقي!

پيري پيري ڏي مٿئين مَٿ مان تون،
اڻ ڄاڻائيءَ جا ڪر نہ ٻهانا، ساقي!

ڪونہ ڊڃن ٽا ٻاهہ تڪي ڪان، جي،
سرڪش آهن پروانا، ساقي!

عشق عقيدت جا تازا گل ڪٽي،
ايندا رهنداسين توڏي روزانا، ساقي!

هڪ تنهنجي منٺڙي مرڪ ڏسڻ سبٻان،
’وفا‘ سهي ويندو جڳ جا طعنا، ساقي!

❊❊

ظلم جي آ هتي حد ٿي وئي،
ڳالھ هڪ ٻئي کان وڌ ٿي وئي.
آئي سفارش وڏيري جي،
نوڪري غريب جي رد ٿي وئي!

❊❊

ڪڏهين ڪڏهين تہ آهي ملبو،
پيار ڪري پو ناهي پلبو.
پنھنجي ناهي رڳو هلائبي،
ڪجھ ٻي جي حال تي بہ آ هلبو.

❊❊

موت ۾ ماڻھو دشمن پنھنجا،
پاڻ نٿا ڄاڻو دشمن پنھنجا.
پاڻ ڦٽائڻ لئہ ڏينھن سڄو،
ناهن نڪاڻو دشمن پنھنجا.

❊❊

ننڊ – جبلن مٿان خوابن جي،
برفباريءَ ۾ رات گذري آ.
ٿي وياسين اسين بہ خانہ بدوش،
پنڌ واريءَ ۾ رات گذري آ.

❊❊



موهيئڙا تنھنجي ڳٽن تي،
پوپٽ ڳاڙها چڙ تہ گلن تي.

نچندا مرندا عاشق سڀ پر،
مڌ مئہ جي ڀرپور وَٽن تي.

مرڪي غير سان هٿ ملايئہ،
ڇٽي ڇڏيئہ لوڻ ڦٽن تي!

هاءِ اياڻا! سنڌي ماڻھو،
اڄ بہ ڏين ٿا ووٽ ڏٽن تي!

واسينگن جان چوڪيدار سي،
چوٽا تو ساموهن مَٿن تي.

وفا ستارن جئن چمڪن ٿا،
پريت جا گل تنھنجي لٽن تي.

❊❊

هن جي آئي وري جو فون آهي،
جاڳيو جيئڻ جو ٻيي جنون آهي.

هن محبّت مجاز جي پويان،
حال ٿي ويو صفا زبون آهي.

ساڙي وينديون اهي جدايون ير!
تون نہ آئين، وَريو پيو جون آهي.

تنهنجي سک پيي ائين ڊکي مون ۾،
جيئن ڊوڙندو رڳن ۾ خون آهي.

ساٿ ڏين، درد کي ’وفا‘ جيکر،
گذرندو وقت پرسکون آهي.

**



مُنهڙو توکان مَٽيو ناهي،
پيار ڪڏهن ٻيي گهَٽيو ناهي.

توسان آهي روح جو رشتو،
هڪ پل تنها ڪَٽيو ناهي.

جاني سڀ هي سوڀون تنهنجون،
مون تہ ڪڏهن ٻيي کَٽيو ناهي.

پريت جو پوکيل آهي، جيڪو،
سو وڻ دل مان پٽيو ناهي.

تون وک تہ وڌاءِ وفا ٻڌجي،
حاڪم پُٺ تي هٽيو ناهي.

**

# بيت

هت هُو تڙپن، هت مان ديوانو،
سارو آھ زمانو، ويري مٺي محبت جو.

دل جي آئيني تي، رک نہ ڪائي مير،
پوءِ ڪا ڪانهي دير، دلبر جي ديدار ۾.

سالگرھ ڏينهن تي، مون موڪليون چوڙيون،
تو چو توڙيون، سک جون سپ سوغاتون!

رُوئندي رت ڦڙا، مٿان ٿي باک،
سورن سندي ساک، وئي ويڙهي وجود کي!

اندر ۾ اڻ تڻ، ڪاري رات اماس،
ڪوري ڪپي ماس، منڙا تنهنجي ورھ ۾!

دليون توبن ڏوڙ، من ٿيا ميرا،
تنهنجا پرين پيرا، اُجارين اندر کي!

تون جي مرڪين، ملي من کي راحت،
توبن هڪ ساعت، ناهي چين قرار ڪٿي!



# وائي

تنهنجي وڇڙڻ تي،
دل تڙپي ٿي!

تنهنجي درشن لئہ،
دور وڃڻ تي،
دل تڙپي ٿي!

وڌائي فاصلا ڇڏيئي،
خط ملڻ تي،
دل تڙپي ٿي!

پنهنجي ڊائري مٿان،
نانءُ پڙهڻ تي،
دل تڙپي ٿي!

مون سان نہ ملندو ڪر،
تنهنجي چوڻ تي،
دل تڙپي ٿي!

منهنجي يار وفا ڪي،
دور ڇڏڻ تي،
دل تڙپي ٿي!

❊

ڪين تنھنجي ھٿ لڪيرن ۾ آ،
پوءِ چو آ آسودگيءَ جي جستجو!
جھور پوڙھو ڪو جھڳيءَ ۾ پيو ڪري،
ٻي جوانيءَ جي مڱيءَ جي جستجو!

**

سنڌ واسيو! پاڻ ڪا تقدير ٺاھيو،
جَھلَ جا زنجير ٽوڙي اڳتي آٽيو.
ھٿ ھٿ ۾ ڏيئي منزل ڏي تہ ڪاھيو،
دؤر نئين ۾ چو وڏيري ڪيڏ آھيو!؟

**

ڪيڏو پتڪن نيڻ وفا جي ڳولا ۾،
سَنا ڏاڍا ويڻ، وفا جي ڳولا ۾!
لاغرض پرينءَ ڪي دل ڏيئي، ٻٽيس،
پٿر آڏو ميڻ، وفا جي ڳولا ۾!

**



## نظم

### گفتگو

”لڙڪ اڪڙين ۾، ھٿن ۾ ڊائري!
اي ڪوي! توکي ڏنو چا شاعريءَ!؟“

’دل جو آھي بار مون ھلڪو ڪيو،
لڙڪ آھن عارضي نہ الڪو ڪيو.

چا ٿيو، جي ياد ناھيان ڪيس مان،
مان تہ ان کي خوب چاھيان ديس جان.‘

”ھل اٿي سمھ رات ٿي وئي آ گھڻي،
جڳ سمھي پيو، سانت ٿي وئي آ گھڻي.“

’ھوءَ جڏھن مرڪي ڏسي آھي وئي.
ننڊ نيڻن کان رُسي آھي وئي.

رات منھنجي ايئن ئي گذري وئي،
ڳالھ خوشبوءِ جان صبح وکري وئي.

پو تہ ڏاڍو لوڪ سمجھايو امان!
عشق ۾ پر عقل ڪٿ آيو امان!‘

**

## بيت

ڏکيو پل هجان آنءُ، سُکيا رهن سجڻ!
هي محبت جا ورڻ، وڌندا رهن سدا وفا.

تون ۽ مان ٻہ لهرون، وچ درياھ،
آهي هک راهہ، سڏو هلئون سمنڊ ڏي.

سکل ورڻ جئين، وڃي واڌيو،
تئين درد ڏاڍيو، وفا وڃي وجود کي.

پرين پاڻ نہ پهتين، نہ لکئي کو خط،
ڏاڍو ڏکيو وقت، پيو گذري وڇوڙي ۾!

توبن بي رنگ هئي، ساري ئي زندگي،
ساڀيا تي بندگي، عشق رهنمائي ڪئي.

اکر لک الف جو، کر نہ کارو کاغذ،
آهي سڀ ماخذ، حاڪم انهيءَ حرف ۾.

وَرڻَ جي کر ويرَ، تو هجر جو ماري روڳ،
تولئہ دلبر! پوڳُ، مان پيوهت مفت مران.



## بيت

آءُ آديسي آءُ! اڏاريان پيئي ڪانگ،
ٻُڌي محبت ٻانگ، روئان رت ڦڙا رڳو.

پيشو اسان جو عشق بازي ۽ پيو پيار،
انهن ٻنهي کان ڌار، رهي سگهبو ڪين هت.

مرک تنهنجي منڙا، تر لئہ برسات،
سهڻا اهڙي سوغات، ڏيندو رهہ ڏيهہ کي.

## ڏيڍوٽا

ڏنڊلو تي ويو درپن آ،
سک جي ڳولا ۾ ڏک کڍيا هن، جيجل کهڙو جيون آ

*

ميلاپ رسائي کر،
تون منهنجي قبول اي مولا! لفظن جي کمائي کر.

*

محبتون ايڊيون نہ ڏي چري!
مشکل تي پوندو جيئڻ، تنهنجي وڇڙڻ کانپو، پري!

*

بي وفا جو صنم ٿي وئي،
آس جيئڻ جي ختم ٿي وئي.
دل جو دلبر مون جنهن کي چيو،
سا ئي دل جو زخم ٿي وئي.

❁❁

سدا نيڻ تو لاءِ وسندا رهيا،
پلوَ پاند مون رات پسندا رهيا.
کِليو چنڊ منهنجي اُجڙ حال تي،
۽ تارا تماشو ئي ڏسندا رهيا.

❁❁

ڪين جڳ ۾ تو جان صنم آهي،
چانڊوڪي تنهنجو ئي جسم آهي.
آهي سنسار توکان گهٽ سارو،
سونهن توتي سڄي ختم آهي.

❁❁

دل ٿي تولئہ تانگهي، آءُ،
ريتون رسمون اورانگي، آءُ.
هت مون ساڻ ملڻ خاطر،
ڪنهن تہ پلا ڙي! سانگي، آءُ.

❁❁



پئي جو نظر تنهنجي تصوير تي،
ڏنم روئي پنهنجي ئي تقدير تي.
ڏکي پيا وفا زخم دل جا،
۽ تڙپيو اندر تنهنجي اڪير تي.

❁❁

اڄ بہ سچ کي سزا ملي ٿي،
دوستيءَ ۾ دغا ملي ٿي.
مون تلاشي جهان ۾،
ڪٿ نہ ڪائي وفا ملي ٿي!

❁❁

روئن ٿيون اکيون آبشارن سنديون،
شايد ڏک پهاڙين جا ٻُڌي.
اڏاٽا پکي تارڙن مٿان،
وري ڏک کهاڙين جا ٻڌي!

❁❁

رب طبعيت اهڙي ڏني آهي،
خوب دل ۾ بہ روشني آهي.
وات ٻانهُون ٻَڌڻ جي آ سڀ سان،
پنهنجي ڪنهن سان نہ دشمني آهي.

❁❁

ياد جو اڏريو پکي، من جي ڏاريءَ مٿان،
جڻ وئي ٻاهي هوا پيير واريءَ مٿان.

قرب ڏئي ٽورو ويا ڪات ڪک ۾ هٽي،
ويو ڪڇي ويساهه پيي اڄ جي ياريءَ مٿان.

چار ايڪڙ ڪي ڏنا ها وڏيري وٽي،
ڪارپي الزام ڏئي ڪنهن ڪنواريءَ مٿان.

ست پيڙهيون ڏيئي ويون غلامي مگر،
قرض ئي ناهي لٿو پوءِ به هاريءَ مٿان!

اڄ به ڪنهن رابيل جو خون ناحق ٿيو،
ٿو ٻري اداس اڄ، ديپ جاريءَ مٿان.

حسن هن جو موهي من ڪي حاڪم ويو،
ٿي فدا پيو هي وفا هُن ئي ناريءَ مٿان.

❊❊



چاهت جي چتا مٿيري نڪتي،
وستي ساري ويري نڪتي.

ڪجلي نيڻن يار ڪُٺي دل،
هن جي هيرا ڦيري نڪتي.

خوشين جي ڳولا ۾ يارو!
درد جي عمر ڊگهيري نڪتي.

رت جا رشتا ڪونه سڃاڻان،
موسم ايڏي ميري نڪتي.

قوم به وڪٽي ورتئين ناٽو،
انڌي سوچ وڏيري نڪتي.

❊

ڪٽي دل تنهنجو نام اداس ٿي وئي،
لب تي آٽي جام اداس ٿي وئي.

شايد سچ بي وفائي ڪئي يرء،
رستي ۾ شام اداس ٿي وئي.

پنڇي آڪيرو ويو مٿي،
تنها وڻ لام اداس ٿي وئي.

دانهن تي هن به مُڙي نہ ڏٺو،
دل چري جي هام اداس ٿي وئي.

پنڌ پرانهون آزاديءَ سندو،
وفا جي هر گام اداس ٿي وئي.

❋❋



اکين جو ديس اداس لڳن ۾،
ويٺو آ ڪو وڇائي ديد ڏڳن ۾!

تنهنجي ياد رهي من ۾ ٻوڙيندي،
جئن ٻوڙي ڳاڙهو خون رڳن ۾.

رک نہ اميدون انصافي مورک!
هن حڪمران دلال ٺڳن ۾!

دنيا جا درد لڪائي نہ سگهي،
هوءَ پيينو ناري قاتل وڳن ۾!

يار پلي ڪو پيٺ ڪري پر،
تنهنجو مٽ ملندو نہ جڳن ۾.

حق جو هوڪو ڏيندي حاڪم،
ويڙهي چڏئي چاندي بہ چڳن ۾.

❋

نماڻي نظر دل لٽائي رناسين،
اڪين ۾ ڪي سپنا سجائي رناسين.

اوهان جا ئي خط ۾ ڪي تصويرون سانڍڻ!
اڪين تي رکي دل سان لائي رناسين.

هوا ياد تنهنجي ڪٽي آئي پيهر،
چريءَ هير کي ڏک ٻڌائي رناسين.

او سنڌڙي! نہ توکي بچائي سگھياسين،
رڳو چنڊ پنهنجا ڪُهائي رناسين.

ڏنو ڏس نہ ڪو چنڊ تارن اوهان جو،
تہ سورج کان هيڪر پڇائي رناسين.

وجهي فلسفيءَ تي ميارن جي منٿي،
ٻُڪئي پيٽ لئہ سپ ڪَپائي رناسين.

❊❊



صلو واهہ جو تو ڏنو دل لڳيءَ جو،
ٿيو لمحو لمحو زهر زندگيءَ جو.

ڪٿا درد جي مون ڪئي پيش تو وٽ،
نہ ٿيو داد ڪو درد ونديءَ جو.

هي سائنس، ٽئڪنالاجي بہ قاتل،
وڏو ڊوهہ آ يار پنهنجي صديءَ جو!

هتان جو ئي رهجي ويو جنهن بہ پيتو،
مٺو پاڻي پنهنجي سنڌو نديءَ جو.

رڳو هڪ پيرو رکين هٿ وفا تي،
ملي ڪو پئي جڻ بحرو بندگيءَ جو!

❊❊

سوچي سوچي ٿڪجي ذهن آ پيو،
چو قسمت جو تارو روشن نہ ٿيو.

دل تي قابض رهي اداس موسم،
اڄ بہ خوشيءَ خاطر تن من تڙپيو.

ورهيہ گذريا اڃا نہ آيو هو،
اوسيئڙي ۾ ڪو رت روئيندو رهيو.

منهنجا گيت گلابي گجرا سچ جا،
ڏات نہ منهنجيءَ آهي ڪوڙ چيو.

درس چڏ وفا جو هاٺي حاڪم،
هت هرڪو ڏن پوڄاري ٻڻيو!

❊❊



سچ تہ غلامي گار لڳي ٿي،
اڄ بہ حياتي بار لڳي ٿي.

سامهون چوندي ڪنهن ظالم کي،
ڳالهہ سچي تلوار لڳي ٿي.

تون جي اچين جيون ۾ منهنجي،
هيل خزان بہ بهار لڳي ٿي.

ڳاڙهن جهنڊن جي جهرمٽ ۾،
سنڌ سجي ڪنوار لڳي ٿي.

تو آڏو هر جيت اسان جي،
پاڻ ڪي ئي چو هار لڳي ٿي.

سالن کان پو هيل ئي حاڪم،
سنڌ ندي جئن تار لڳي ٿي.

❊❊

دل جي گهر تي هن جو قبضو آ،
يار! ڇڏائڻ ٿي پيو اهنجو آ.

هرڪا سوچ حوالي هن جي،
مون وٽ جسم خالي بوتو آ.

يارب! تنهنجو جوڙيل هي ماڻهو،
اڄ سڀ ڪان ٿي پيو سستو آ.

شال نہ هن ڪي ڪو اهنج رسي،
منهنجي جسم جو هو بہ حصو آ.

رمز انهي ڪي رب ٿو ڄاڻي،
مان هن ۾ يا مون ۾ هو آ.

**



يار جو ڪي گهڙيون الهام رهيو،
بس شاعريءَ جو ئي انعام رهيو.

تو جو هٿ مٿي تي رکيو سائين!
دنيا وارن جو حسد عام رهيو.

سنڌ وطن جي آزادي عزيز رهي،
سنڌ زبان تي هر پل نام رهيو.

سڀ وٽ پيار رڳو بس پيار هجي،
دوست اهو منهنجو پيغام رهيو.

ماڻهن جو دنيا دولت دين بڻي،
منهنجو سونهن ڪي سجدو ۽ سلام رهيو.

ڪٿ انسانيت آهي رهي اڄ ڪلهہ،
ٿيندو مظلومي قتل عام رهيو.

تنهنجي ذات بنا محبوب سڄڻ!
وفا نہ ڪنهن ٻئي جو آ غلام رهيو.

تنهنجي عشق جو الزام اکين تي،
ڇا ٿيو، جي حاڪم بدنام رهيو.

**

هيرايو نہ هوا کي زلف چمڻ تي،
۽ آڻ نہ زلفن کي لال ڳلن تي.

ڪُنيا ويس ڪري چانڊوڪي نڪتي،
اڇ خوب ڪتوري سجائي بدن تي.

تو جو ديدار پسايو آ پنهنجو،
چڻ چنڊ لٿو دل جي آ چمن تي.

ور ڏيئي واسينگن جيئن هلينءَ جو،
ڏنگجي ويا مون پارا سوَ رستن تي.

ڪنڌ جهڪايون بيٺا آهن اڄ پيي،
سرخم ڪي حاڪم تنهنجن حڪمن تي.

❊❊



پنڌ پرانهون صحرا جو آ،
رستو تنهنجي ڳولا جو آ.

عشق پڙهايو ڪلمو وحدت،
ذڪر زبان تي لا الا جو آ.

هر هر ٿو تنهن کي چمان جو،
خط آيو محبوبا جو آ.

ڪو ويو مسجد، ڪو ويو مندر،
ويس مَتيل هت پوڄا جو آ!

رت جا نير رنس راتيون ڏينهن،
پر نہ لٿو ڏمر جفا جو آ.

سچ چوڻ تي سپ چڙن ٿا،
’حاڪم‘ پو بہ حق وفا جو آ.

❊

منزل تي پهچڻ کان اڳ ۾،
دوست ڇڏي ويا سارا دڳ ۾!

هُو تہ سمائجي ويو مون ۾ آ،
ڳاڙهي خون جيان رڳ رڳ ۾.

توبن هاڻ جواز بہ نہ رهيو،
کھڙي مُنهن سان جيئجي جڳ ۾!

تو ڏار ڪيو ۽ غير وڏا هن،
ڪارا هٿ جڻ اُجريءَ پڳ ۾!

پرين پناهون ڏيجان پنهنجي،
زلفن جي تون گهاٽي ڇڳ ۾.

ڪيون وتن ٿا ڪوڙا ولڙَ هُو،
آهي اڪيلو ’حاڪم‘ وڳَ ۾.
❊



جي دردن جا ڪوليا ڪاڳر،
شل ڇاڏين تون دل سان دلبر!

وقت ڏنو ڇا؟ نيڻ پڙهي ڏس!
بس آهُن ۽ لڙڪن جا بحر!

منزل طرف وڃڻ وارا سڀ،
راهن ۾ ٿيا گم، موٽيا بہ نہ گهر.

جيون دڳ ۾، ڏک نہ ڏسين شل،
دعا اِها آ منهنجي اڪثر.

اوهان جي تہ هر دل مٿان بادشاهي رهي،
اسان جي تہ جذبن جي ٿيندي تباهي رهي!

’وياجن‘ جيان تون وئينءَ روز چاڙهيندي،
پرين تنهنجي دردن جي ڪائي نہ ساهي رهي!

مٺي! سنڌ ڌرتيءَ تي ڌاڙيل ڌاريا ٻچي،
وڏيري ۽ ٻوتار جي سربراهي رهي!

نڳيءَ جا وڏي ڪيترا پوڄاري ويا پر،
مگر دل اسان جي حقن جي ئي راهي رهي.

هيو ظالمن سان پريل ديس ’حاڪم‘ سڄو،
اسان کي تہ ڏيندي سزا بي گناهي رهي.

❋



تنهنجي منڙي مُک جي مهورت ٿيندي،
پوري دل جي اِها ضرورت ٿيندي.

توبن دنيا ۾ ڪنهن ٻيئيءَ ڏي ڏسان،
مون کان محبت ۾ نہ ڪدورت ٿيندي.

پل سونهن وراٽيو سڏائين پَٽَ پائن،
تو مٽ نہ جڳ ۾ ڪا عورت ٿيندي.

ڏي ٻيري ڏي ساقي! جام نگاهن مان،
نوٽ اُڇي جي نہ اِتان پورت ٿيندي.

سينگار اجايا ٿي ويندا سڀ جا،
تو جهڙي سهڻي نہ ٻئي صورت ٿيندي.

شل رهجي اڇي پٽ هن سان ’حاڪم‘،
منهنجي من جي نہ ٻي مورت ٿيندي.

❋

محبتون رهجي ويون،
حسرتون رهجي ويون.

ڪنهن چُنيءَ ۾ ويڙهيل،
چاهتون رهجي ويون.

هر طرف جابر بڇيا،
وحشتون رهجي ويون.

ماءُ جو ناهي رهي،
آٿتون رهجي ويون!

تون ڪٿي گم ٿي وئين؟
قربتون رهجي ويون.

زندگي ۾ بس ’وفا‘
غربتون رهجي ويون.

❋



سونهن اڳيان سيس نوائي بيهان ٿو،
سارا گيت بہ توکي ميڙ ڏيان ٿو.

منڙا تنهنجي هڪ منڙي مرڪ سبب،
اڄ بہ مران ٿو مان اڄ پيي جيئان ٿو.

تون جو ناهين ڪنهن پل فون ڪندو،
چڻ تہ جيئڻ کان مايوس ٿيان ٿو.

ڪئن مدهوشي جي عالم مان نڪران،
مان تہ ڏهاڙي نيٽڻ مان پيئان ٿو.

يارب! سهڻا ماڻهو بي قدرا ڇو؟
تنهنجي قدرت تي ’حاڪم‘ سوچيان ٿو.

❋❋

اندر ۾ اداسيءَ جا وڻ ۽ وفا،
رڳو رهجي ويا پن ڇڻ ۽ وفا.

ڏکيرو سفر آهه سڪ جو تي ويو،
مسلسل اڳيان هڪڙو رڻ ۽ وفا.

هٽڻ ڏيو دنيا وارن کي پٿر،
نهي پاڻ ويندا پهڻ ۽ وفا.

جلائي رهي آ اندر تنهائي،
پُسا نيڻ پنهنجا تون ڪڻ ۽ وفا.

رئاريندي رهي مٺڙ موسم،
منهن تي هلڪي ڪڻ ڪڻ ۽ وفا.

وفائون تلاشڻ هو نڪتو ’وفا‘،
ويا رهجي دردن جا ڏڻ ۽ وفا.

**



# رايا

- ڪجين جي ديس خيرپر جو اسان جو دوست حاڪم وساڻ جنهن کي اسان سنڌ واسي ’وفا حاڪم وساڻ‘ جي نالي سان سڃاڻيندا آهيون. مون کي بيحد خوشي ٿي رهي آهي تہ سندس شاعري جو هي ٽيون ڪتاب ’پيار، پن ڇڻ ۽ وفا‘ اڇو رهيو آهي. وفا حاڪم پنهنجي دل جي غارِ حرا ۾ غور فڪر ڪري نت نيون سٽون تخليق ڪري رهيو آهي. سندس تخليقيون پنهنجي پورٽتا جو پنڌ ڪندي نتيون ٿڪجن. هي شاعر ڪنهن ميلي تان موٽندڙ شاعر نہ آهي بلڪ هي احساسن، جذبن ۾ سدا جوان رهي ٿو. منهنجي دعا آهي تہ منهنجو هي محبوب دوست پنهنجي مشتاق دل سان عشاقي جي اعليٰ فرمان تي پهچي.

**رفيق سيال – سڪرنڊ**

- سوچيان ٿو، تبديليءَ جا سپنا سجائيندڙ، فرسوده رسمن کان باغي، سماج سڌارڪ، هڪ محنتي، محبتي استاد، پنهنجي روحاني پيءُ، هڪ جانثار دوست، پار جيان معصوم، پهاڙ جيان اڏول انسان، سچل جيان اناالحق صوفي، هڪ آدرشي انسان، يا عوامي بوليءَ ۾ عوام جو آواز اٿاريندڙ هڪ سنڌ پرست،سونهن پرست شاعر جي باري ۾ ڪجھ لکان، جنهن جا ڪيترائي روپ پسيا آهن.
اسان تہ صرف سپنا ئي ڏسندا آهيون، ليڪن سپنن کي عملي جامون پهرائيندڙ ماڻهو گهٽ ئي آهن ۽ هن خودغرض سماج ۾ انهن مان وفا حاڪم بہ هڪ آهي بقول الله اڪبر آبادي جي تہ:

ہم بات کرتے تھے، سید کام کرتا تھا
نہ بھولو جو فرق ہے کرنے اور کہنے میں

اگر مان وفا کي پنهنجي ڳوٺ جو ’سر سيد‘ چوان تہ ان ۾ ڪو بہ وڌاءُ نہ ٿيندو. ليڪن فرق اهو آهي تہ هن اسان جي سر سيد جي ’انا سِر خمسہ‘ ۾ ڪو بہ شامل ناهي. صرف هو اڪيلو آهي، پنهنجي آدرش، معصوم سوچ ۽ شاعريءَ سان. سندس اها معصوميت، روشن خيالي ئي تہ آهي، جيڪا وقت جي يزيدن کان برداشت نٿي ٿيئي ۽ ڪيس مختلف وقتن تي تڪليفون ڏئي رهيا آهن!

**علي بخش وساڻ – ڪراچي**

※ وفا منهنجي سهڻي سنڌ جو سرجڻهار، هي تخليقار دنيا ۾ عجيب آهي، بلڪ ائين جيئن شيام لکيو هو تہ: "حياتي جا ڦيتا تہ ڦرندا رهيا، نہ ٿيو پر نہ ٿيو ڪجهہ ۾ طئہ فاصلو". سموري حياتي لڪ، پوءِ ۾ لڪڻ جي ڪوشش ختم ڪين ٿئي ٿي. وفا وٽ شايد شاعري زندگي ۽ زندگي شاعري آهي. پر ڪامياب شاعر اُهو آهي، جيڪو دماغ بجاءِ دل سان لکندو آهي. وفا! مون توهان کي پڙهيو آهي ۽ ائين محسوس ڪندو آهيان تہ توهان جون ڪوڙ ساريون ستون دماغ بجاءِ دل سان لکيل آهن. ائين دل سان لکيل شاعري دل جي دنيا ۾ ڏاڪو نہ جمائي، ائين ٿي ئي نٿو سگهي...!

## مختيار جاگيراڻي – لاڙڪاڻو

※ وفا حاڪم سنڌي ادب جو اهو گل آهي، جنهن جي شاعريءَ جي خوشبوءِ پري پري تائين مهڪندي رهي ٿي. وفا جي شاعريءَ جو هي ٽيون مجموعو پڻ ساڳي خوشبوءِ ڪٽي پيو اچي. وفا جس لهڻي،جنهن ڏاڍين ڏکين حالتن سان منهن ڏيندي بہ شاعري جو سفر جاري رکيو آهي. وفا حاڪم هڪ حساس دل، نرم لهجي جو مالڪ آهي، هن وٽ محبت ۽ حُسن جا آفاقي قدر آهن. وفا انسان دوست ۽ امن آشتي جو پرچارڪ آهي. مون کي وفا جي شخصيت ۾ غزل جي صنف جيان نازڪ ۽ پرڪشش لڳندي آهي. سندس شاعري ۾ بہ معصوميت ۽ سنجيدگي سميت سڀ صلاحيتون شامل آهن، وفا حاڪم هڪ مڪمل شاعر آهي.

## حاڪم ڪتوهر – ٺل

• وفا حاڪم طبيعتن گهڻو ماٺيڻو ۽ خاموش رهندڙ آهي، پر جڏهن هو لکي ٿو تہ چڻ اندر ۾ سمايل طوفان جاڳي ٿو پويس. ڦوهہ جواني ۾ جڏهن محبوب جو وڇوڙو ٿي وڃي تہ اهو ماڻهو اندر ۾ سمايل درد سبب وڪرجي ويندو آهي يا وري پاڳل ٿي ويندو آهي پر وفا اهڙي ڪيفيت کي پاڻ مٿان حاوي ٿيڻ بجاءِ شاعريءَ جو ڏِگ ورتو. وفا حاڪم جي شاعري پڙهڻ کان پوءِ اهو احساس ٿيو تہ هو ڪامل احساس ۽ جذبن جو ترجمان آهي.

## ايم سليمان وساڻ – ڪراچي



※ وفا حاڪم ادبي ڪيتر جي جوانن لئہ نئون نانءُ نہ آهي، هن مجموعي کان اڳ ۾ سندس بہ ڪتاب پڻ مارڪيٽ ۾ اچي چڪا آهن، جن ڪيس ادبي دنيا ۾ متاثهين مقام تي آڻي بيهاريو آهي. سندس هي ٽيون ڪتاب بہ سنڌي ادب ۾ هڪ سهڻو واڌارو آهي. هن پڇ ڏڪ، نفسانفسيءَ جي دور ۾ بہ وفا گلابن جي مهڪ جئن لڳو پيو آهي. ان ڪان وڌ سندس صبر،سادگي جو بيان پڻ لفظن کان متاثهون آهي. هن دور ۾ ڪنهن لئہ چڱائي جو سوچڻ بہ گناهہ سمجهيو وڃي،اُتي عملي ڪم ڪري ڏيکارڻ سان گڏ تخليقي عمل جاري رکڻ وڏي بهادري آهي. اسان جو هي محبوب دوست جهڙي ريت تخليقي عمل ۾ اجرو آهي، اهڙو ئي ملڻ، جلڻ ۾ صاف سترو آهي. مون کي ويساهہ آهي تہ سندس هي ٽيون مجموعو پڻ محبتن جي مجتا ماڻيندو.

## جعفر شاهاڻي – عمرڪوٽ

※ نئين ٿهيءَ جي نوجوان قلم ڌڻي، وفا حاڪم وساڻ جي شاعريءَ جو هي ٽيون مجموعو پنهنجي پاڪرن ۾ سرنهن جا گل، مرڪن جا پوپٽ، يادگيرين جا سندر پل، ڌرتي جو درد،سماج جا سور،ناسور. درد ڪتائون ڪٽي نڪتو آهي. سندس شاعري ۾ پرهہ ڦٽي جهڙا پل، پنل پومي جو هڳاءُ،معصوم پار جي مرڪ،محبوب زلفن جي خوشبوءِ سان گڏ، دودي،دولهہ،هوشو هيمون، ۽ سورهيہ بادشاهہ جي للڪار شامل آهي. پاڻ لفظن جا موتي ميڙي خوبصورت گلن جا هار پوئڻ جي ڪرت ۾ هميشہ اڳيرو رهيو آهي. اهو ئي سبب آهي جو ٿوري ئي ادبي سفر ۾ سندس قلم جي قط مان هي ٽيون ڪتاب 'پيار، پن ڇڻ ۽ وفا' ڦٽي نڪتو آهي. سندس شعر ۾ سهڻي خوبين سان گڏ، فن، فڪر، اسلوب، موسيقت، تشبيهن، تجنسين، استعارن ڪناين ۽ روانگي جي ڀرپوريت مان معلوم ٿئي ٿو تہ سندس قلم ايندڙ دور جي وڏن شاعرن جي ڀرين صف ۾ نظر اچڻ جي صلاحيت رکي ٿو. سندس اهڙين اٽڪ ڪاوشن تي مون کي دلي خوشي محسوس ٿي رهي آهي. اميد آهي تہ سندس هي ڪتاب سنڌي ادب ۾ اهم جڳهہ والاريندو.سندس قلم اڳتي بہ ڌرتيءَ جي جهولي کي سماج جي ناسورن، انيائن، ويساهہ گهاتين ۽ پيار جي پيچرن تي لکندي ڪين ٿڪبو.

## همدرد جانوري – سانگهڙ